

# سنڌو سيني لاءِ منصوبو

# INDUS FOR ALL PROGRAMME

## سنڌوءَ جي ماحولياتي خطي لاءِ هڪ عملي پروگرام

**سنڌو ـ ماحولياتي خطي لاءِ تصور** ”جتي انسانذات مڪمل صلح سانت ۾ فطرت سان گڏجي رهي، جتي آبگاهون هڪ ٻئي سان سلهاڙيل هجن، جتي ٻلهڻ ۽ لڌڙا پنهنجي قدرتي آبي ماحول ۾ وڌن ويجهن ۽ شڪاري/آبي پکي ڍنڍن ۽ ساحلي ڍورن تي ٽڪن. آبي ٻوٽا ۽ ٻيي قسمين قسمين جي حياتيات سنڌو درياهه جي ڪنارن ۽ مهاڙيءَ وٽ اسري ۽ نسري ۽ نوان چاول ساموندي ڪڇون صحيح سلامت سمنڊ ڏانهن واپس ورندا هجن.“

## وڌيڪ معلومات لاءِ رابطو ڪريو

**پروگرام مينيجمينٽ يونٽ، ڪراچي.**
**انڊس فار آل پروگرام،**
**ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان**
606، 607 فارچون سينٽر، بلاڪ 6 پي اي سي ايچ ايس،
مين شارع فيصل، ڪراچي.
فون: 021-4544791-2
فيڪس: 021-4544790
اي ميل: karachi@wwf.org.pk

**پروگرام امپليمينٽيشن يونٽس**
**ڪيٽي بندر**
گهر نمبر 1، سامهون ڊسٽرڪٽ شاپنگ سينٽر،
ڪيٽي بندر، ضلعو ٺٽو .
فون: 0298- 607685

**ڪينجهر ڍنڍ**
گهر نمبر B/112، هاشم آباد سوسائٽي،
مڪلي، ضلعو ٺٽو.
فون: 0298-610426

**پٽي ٻيلو**
گهر نمبر A-3، مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج انجينيئرنگ ٽيڪنالاجي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، ضلعو نواب شاهه.
فون: 0244- 282496

**چوٽياري**
گهر نمبر 129/2، هائوسنگ سوسائيٽي،
ويجهو گورنمينٽ بوائز هائي اسڪول،
نواب شاهه روڊ، ضلع سانگهڙ.
فون: 0235-542837



## ڪيٽي بندر، ضلعو ٺٽو

ڪيٽي بندر سنڌ جي نهايت متاثر ساحلي علائقن مان هڪ آهي جيڪو ماحولياتي تنزلي ۽ مقامي ماڻهن لاءِ پيٽ گذر جي موقعن ۾ گهٽتائيءَ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. سمنڊ جي لڳاتار کاڌ سبب گذريل 70 سالن دوران ڪيٽي بندر شهر پنهنجي واقع هجڻ جو هنڌ ٽي ڀيرا مٽائي چڪو آهي. ساموندي کاڌ سبب ٻئي زير زمين ۽ مٿاڇري وارا پاڻيءَ جا وسيلا زوال جو شڪار ٿيا آهن، جنهن سبب ڀرپاسي وارين زمينن ۾ لوڻياٺ پوکي ڪرڻ وارين حدن کان ٽپي وئي آهي. هن علائقي ۾ تاريخي طور پيدا ٿيندڙ تمر جي اٺن جنسن مان ڇهه جنسون گذريل 70 سالن دوران ڪيٽي بندر سميت سڄي انڊس ڊيلٽا مان ناس ٿي ويون آهن. ڪيٽي بندر کي اتر ۽ ڏکڻ ۾ جهنگلي جيوت، خاص طور تي لڏپلاڻ واري مند ۾ ايندڙ آبي پکين لاءِ پناهه گاهه قرار ڏنو ويو آهي. هن علائقي ۾ اٽڪل 50 هزار لاڏائو پکين جي آمد رڪارڊ ڪئي وئي هئي. هاڻي اها آبادي تيزيءَ سان گهٽجي رهي آهي. لاڏائو پکين ۾ ڍينڍ پکي، بگ پکي، ٻگهه، لاڪو ڄاڄي ۽ شڪاري پکي باز، عقاب وغيره شامل آهن. ٿڻائتن جانورن ۾ گدڙ ۽ سرندڙ جانورن ۾ واسينگ نانگ، ڪپر، ساموندي نانگ ۽ ڪرڙيون عام آهن.

شهر ۽ ڀرپاسي وارين ڳوٺن جي آبادي اٽڪل 28* هزار آهي، جنهن ۾ اڪثريت مهاڻن جي آهي. مقامي ماڻهو تمر کي مال جي چاري، ٻارڻ جي ڪاٺ طور ۽ جهوپڙيون اڏڻ لاءِ ڪتب آڻين ٿا. مڇي مارڻ هتان جي ماڻهن جي پيٽ گذر جوا هم ذريعو آهي. مڇي مارڻ جا ناپائيدار طريقا، جهڙوڪ پابندي پيل ڄارن جو استعمال، موجوده وسيلن تي دٻاءَ جو سبب بڻيا آهن. سنڌو درياهه مان تازي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گهٽتائيءَ پڻ تمر جي ڦهلاءَ ۽ واڌ ويجهه ۾ گهٽتائي آندي آهي ۽ مڇيءَ جا وسيلا ٻه گهٽ ٿيندا پيا وڃن.

* علائقي جي مڪمل انساني آباديءَ بابت اڃا ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## چوٽياري جو آبي ذخيرو، ضلعو سانگهڙ

پاڻي جو هي ذخيرو اٽڪل 18 هزار هيڪٽرز ايراضيءَ کي والاري ٿو ۽ خشڪي ۽ آبي ماحولياتي سرشتن جي هڪ مرڪب جي عڪاسي ڪري ٿو. مختلف قدرتي واهيرا ۽ وٿاڻ جهڙوڪ ڪليل آبگاهون، ٽانگها تلاءَ، آبي نباتات، واريءَ جا دڙا ۽ ڀرپاسي وارو رڻ پٽ مختلف قسم جي مڇي، ٿڻائتن جانورن، پکين ۽ سرندڙ جانورن جهڙي مختلف جيوت کي پناهه فراهم ڪن ٿا. اهم ٿڻائتن جانورن ۾ ڦاڙها، هرڻ، جهنگلي ٻلي، مڇي خور ٻلي، ڪارو سهو، لڌڙو، جهنگلي سوئر ۽ سهو شامل آهن. هن علائقي جون آبي خاصيتون ننڍي ۽ وڏي پکيڙ وارين تازي پاڻي ۽ کاري پاڻيءَ وارين ڍنڍن جي هڪ مرڪب تي مشتمل آهن. هي ڍنڍيون واڳن، لڌڙن، تازي پاڻيءَ وارن ڪڇن ۽ مختلف مڪاني ۽ لاڏائو پکين لاءِ قدرتي واهيرا آهن. هن علائقي ۾ پکين جا 100 کان وڌيڪ نسل رڪارڊ ڪيا ويا آهن. هي علائقو عالمي سطح تي خطري هيٺ آيل آبي پکين جي نسل ميري جهالائي جي سياري گذارڻ ۽ پرورش لاءِ اهم ماڳ پڻ آهي. ان ڪانسواءِ سنڌي بلبل، جيڪا پڻ تمام ناياب نسل سان تعلق رکي ٿي، هتي ملي ٿي.

مقامي آباديءَ جو گذر سفر گهڻو تڻو مڇي مارڻ، زراعت، مال چارڻ ۽ مختلف شعبن ۾ نوڪريون ڪرڻ تي آهي. رزروائر جي اڏاوت سبب ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد لڏپلاڻ ڪري ويو آهي. رڻ پٽ جي ڇيڙي تي واقع هئڻ سبب ڀرپاسي جي آبادين ۾ تمام گهڻي غربت آهي ۽ وسيلن ۾ حد کان وڌيڪ ڪوٽ پيدا ٿي رهي آهي. ٺيڪيدارن طرفان مڇي مارڻ جي غيرپائيدار طريقن (مڇي مارڻ لاءِ ننڍن ڄارن، زهر ۽ ڪيميڪل جو استعمال ۽ حد کان وڌيڪ مڇي مارڻ) جو استعمال هنن ڍنڍن ۾ مڇيءَ جي ڊگهي عرصي تائين موجودگيءَ کي ڇيهو رسائي رهيو آهي. مڇيءَ جو زوال مقامي مهاڻن جي ذريعه معاش کي درپيش هڪ وڏو خطرو آهي.



## سنڌو _ ماحولياتي خطو (Ecoregion) هڪ تعارف

G-200 ماحولياتي خطا (Eco regions) ڊبليو ڊبليو ايف جو هڪ عالمي سطح جو پروگرام آهي، جنهن ۾ يو اين اي پي، برڊ لائيف انٽرنيشنل ۽ نيشنل جاگرافڪ سوسائٽي ساٿس ڀائهن ڀيلي آهن. ان سرگرميءَ جو مکيه مقصد ڌرتيءَ جي قسمين قسمين حياتيات جي ماحولياتي اهميت کي سمجهڻ، اجاگر ڪرڻ ۽ ان حياتياتي تفاوت جي نمائندگي ڪرڻ آهي. سنڌو- ماحولياتي خطو دنيا جي چاليهه ترجيحي ماحولياتي خطن مان هڪ آهي. ڊبليو ڊبليو ايف- پاڪستان، لاڳاپيل ڌرين (اسٽيڪ هولڊرز) سان صلاح مشورو ڪندي سندن سهڪار سان سنڌو- ماحولياتي خطي بابت 50 سالن جو هڪ تصور (Vision) تيار ڪيو آهي جنهن جو مقصد هن خطي ۾ هڪ گڏيل عملي پروگرام جوڙڻ آهي.

سنڌو درياءَ جي پکيڙ هماليه کان شروع ٿي عربي سمنڊ تي ڇيڙ ڪري ٿي جيڪا تمام ناياب قسمن جي حياتيات ۽ سماجي-معاشي خاصيتن سان مالامال آهي، هن خطي ۾ جبلن، ميدانن ۽ ٻيٽن تي مشتمل هر قسم جو وايومنڊل شامل آهي. آثار قديمه جي لحاظ کان سنڌو ماٿريءَ کي عالمي شهرت پڻ حاصل آهي. دنيا جي آڳاٽين تهذيبن مان هڪ موئن جو دڙو به سنڌوءَ جي ڪناري تي آباد هو. سنڌو- ماحولياتي خطو سنڌ صوبي ۾ پاڪستان جي ڏاکڻي حصي ۾ واقع آهي ۽ سنڌو درياهه جي هيٺئين طاس (Basin) تي مشتمل آهي. سنڌو- ماحولياتي خطي ۾ سنڌ جا 18 ضلعا جزوي يا مڪمل طور شامل آهن، جن ۾ ٺٽو، بدين، حيدرآباد، دادو، نوابشاهه، سانگهڙ، خيرپور ۽ عمرڪوٽ اچي وڃن ٿا. سنڌو-ماحولياتي خطي ۾ جانورن ۽ پکين جا هيٺيان مکيه قدرتي واهيرا ۽ وٿاڻ (Habitats) ملن ٿا:

- مکيه درياهه جو وهڪرو
- درياهي ٻيلا
- تازي پاڻيءَ واريون ڍنڍون
- ڪاريون ۽ ٻاڙيون ڍنڍون
- مکيه ٻيٽارو خطو
- تمر جا ٻيلا

انهن قدرتي واهيرن ۽ وٿاڻن مان هر هڪ،پاڻ سان سلهاڙيل قسمين قسمين جي حياتيات سان مختلف قسمن جي ماحولياتي سرشتن کي سهارو ڏئي ٿو.

سنڌو ماحولياتي خطي ۾ ڪيترين ئي تازي پاڻيءَ جون ڍنڍون جهڙوڪ هاليجي ۽ ڪينجهر آهن، جيڪي سنڌوءَ جي لنگهه تي واقع آهن جن جي رامسرسائيٽس (يعني آبگاهن) طور درجابندي ڪئي وئي آهي. ٻئي ڍنڍون ڪيترن ئي مڪاني ۽ لاڏائو پکين لاءِ اهم قدرتي واهيرا آهن. سنڌو-ماحولياتي خطي ۾ واقع ڪارين ڍنڍن ۾ شاهه بندر، جعفري، هڏيرو، نرڙي جبو (رامسر سائيٽ) ۽ محبوب شاهه شامل آهن. هي سموريون آبگاهون (Wetlands) آبي پکين جهڙوڪ لاڪيچاجي، بطخن ۽ ساحلي پکين لاءِ سياري گذارڻ لاءِ ماڳ طور ڪم اچن ٿيون.

دريائي ٻيلا 4 لک 43 هزار هيڪٽرز ايراضيءَ تي پکڙيل آهن ۽ 1962ع کان 1992ع تائين انهن مان ڪاٺ جي پيداوار $170,617m^3$ ٿي. هڪ وڏي انساني آبادي هن علائقي تي آڌار رکي ٿي جيڪا گهڻو ڪري سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت سنڌو درياهه جي استعمال واري ڪرت سان واڳيل آهي.

سنڌو-ماحولياتي خطي ۾ اٽڪل 20 لک ماڻهو آباد آهن. روايتي طور زراعت ،چوپايو مال ڌارڻ، ٻيلا ۽ مڇي مارڻ جو ڪم مقامي برادرين جي سماجي- اقتصادي طور طريقن ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن ماحولياتي خطي کي ڪيترائي مسئلا درپيش آهن جيڪي ٻنهي قدرتي توڙي انسانذات جا پيدا ڪيل آهن. سنڌو-ماحولياتي خطي جي قسمين قسمين حياتيات تي شديد اثر وجهندڙ ڪجهه مکيه مسئلا هيٺئين ريت آهن:

- مٿانهين علائقن ۾ ڊئمن ۽ آبپاشي رٿائن جي ڪري سنڌوءَ ۾ تازي پاڻيءَ جي وهڪري ۽ لٽ ۾ گهٽتائي.
- سامونڊي ڪاڌ.
- جانورن ۽ پکين جي قدرتي ماڳن جي تباهي.
- ڪراچي شهر ۽ صنعتن مان گدلاڻ.
- مختلف سماجي توڙي معاشي مقصدن خاطر تمر ۽ دريائي ٻيلن جي حددخلي.
- مڇيءَ جو حد کان وڌيڪ شڪار ۽ مڇي مارڻ جا غيرپائيدار طريقا.
- مختلف گهرو مقصدن لاءِ ٻيلن ۽ چراگاهن جي حد کان وڌيڪ وادي.
- سم ۽ ڪلر
- آب گاهن جي وسيلن جو حد کان وڌيڪ استعمال.
- لاڳاپيل ادارن ۽ نظام جي اڻاٺ
- قدرتي وسيلن جي اهميت بابت سجاڳي ۽ سائنسي انگن اکرن جي اڻ هوند.

هن ماحولياتي خطي جي مختلف قسمن جي حياتيات کي درپيش خطرن تي ضابطو آڻڻ لاءِ هڪ ڊگهي مدت (50 سالن لاءِ ) وارو تحفظاتي پروگرام ۽ تصور جوڙيو ويو آهي. هن پروگرام جا هيٺيان مقصد آهن:

1. چوند جنسن (Species) جي آباديءَ کي هڪ خاص حد تائين برقرار رکڻ.
2. چرند ۽ پرند جي مختلف قدرتي ماڳن جي نمائندگي کي وڌن ۽ محفوظ قرار ڏنل علائقن ۾ اهڙي ريت يقيني بڻائڻ جو اهي ڪنهن به وڏي قدرتي يا هٿراڌو طور پيدا ٿيندڙ چيلنجن کي منهن ڏئي سگهن ۽ مڪمل تباهي کان بچيل هجن.
3. ماحولياتي ۽ حياتياتي ارتقاءَ واري عمل کي جاري رکڻ جيڪا مختلف حياتيات ۽ ان جي پيداوار کي استحڪام بخشي.
4. قدرتي وسيلن جي پائيدار استعمال کي اهڙي ريت هٿي ڏيڻ جو انهن جي تحفظ ۽ مڪاني ماڻهن جي صحتمند ذريعه معاش لاءِ مددگار ثابت ٿئي.

### انڊس ايڪوريجن اسٽيئرنگ ڪاميٽي

سنڌو-ماحولياتي خطي لاءِ تصور 2055ع جي هڪ ڪڙيءَ طور ماحولياتي خطي جي طئي ٿيل هدفن ۽ اهم مرحلن تي عملدرآمد ۾ رهنمائي ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ جائزي لاءِ آڪٽوبر 2005ع ۾ سنڌو-ماحولياتي خطي لاءِ هڪ اسٽيئرنگ ڪاميٽي جوڙي وئي هئي. ڪاميٽي جي سربراهي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊيولپمينٽ) منصوبابندي ۽ ترقي کاتو، سنڌ حڪومت طرفان ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته ڊبليو ڊبليو ايف- پاڪستان ميمبر سيڪريٽري آهي. ڪاميٽي جي ميمبرن ۾ سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جا سيڪريٽري، فيڊريشن آف پاڪستان چئمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز جا نمائندا، اين جي اوز ۽ محقق شامل آهن.

## سنڌو _ سيني لاءِ پروگرام


سنڌو-سيني لاءِ پروگرام، ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان طرفان سنڌو- ماحولياتي خطي لاءِ پنجاهه سالن جي تصور جي پهرين پنجن سالن تي عملدرآمد لاءِ جوڙيو ويو آهي. هن پروگرام لاءِ ابتدائي مالي سهائتا رائل نيدرلينڊ جي سفارتخاني پاران ڪئي وئي آهي جيڪوا ن تصور جي تياري واري عمل ۾ پڻ ڀائهن ڀيلي رهيو آهي.

**سنڌو_سيني لاءِ پروگرام جا مقصد هيٺين ريت آهن**

- چئن ترجيحي علائقن (ڪيٽي بندر، ڪينجهر، پئي ٻيلي ۽ چوٽياري) ۾ مڪاني آبادين ذريعي قدرتي وسيلن جو اهڙي ريت انتظام ڪرڻ جيڪو سندن پيٽ گذر لاءِ مددگار هجي.
- پاليسي، رٿابندي ۽ فيصلاسازيءَ جي سطح تي غربت - ماحول ۾ ڳانڍاپن کي مکيه ڌارا ۾ آڻڻ ۽ بهتر قدرتي وسيلا ۽ ذريعه معاش پيدا ڪرڻ.
- مختلف سطحن تي پائيدار ماحولياتي انتظام لاءِ بهتر ادارتي صلاحيت ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ.
- لاڳاپيل ڌرين جي ڪارگذارين لاءِ بهتر صف بندي ۽ سهڪار.

**3 ايم** (3M) **طرز عمل**

مسئلن کي هڪ وسيع پيماني تي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌو-سيني لاءِ پروگرام، ڌرين (اسٽيڪ هولڊرز) سان ننڍي پيماني (Micro) (ڳوٺ، يونين ڪائونسل)، وچولي پيماني (Meso) (ضلعي، صوبي) ۽ وڏي پيماني (Macro) (وفاقي) سطح تي مصروف عمل ٿيندو. 3 ايم طرز عمل انهن پروگرامن لاءِ مناسب آهي جيڪي وڏا جاگرافيائي علائقا




توڙي مسئلا رکندڙ هجن جن کي ساڳئي وقت مختلف سرڪاري ۽ سماجي سطحن تي اٿارڻ جي ضرورت هجي.
مائڪرو ليول يا ننڍي پيماني تي ماحولياتي خطي اندر عالمي ۽ علائقائي سطح تي جدا جدا اهميت رکندڙ چئن مختلف قدرتي وسيلن وارن ماڳن کي چونڊيو ويو آهي، جتي هن پروگرام کي لاڳو ڪيوويندو. انهن ۾ هيٺيان ماڳ شامل آهن:

## ڪينجهر ڍنڍ _ ضلعو ٺٽو

هيءَ تازي پاڻيءَ واري ڍنڍ 24 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 6 ڪلوميٽر ويڪري آهي ۽ ان کي جهنگلي جيوت جي پناهه گاهه ۽ رامسر سائيٽ قرار ڏنو ويو آهي. ڍنڍ جي ڪل ايراضي اٽڪل 14 هزار هيڪٽر آهي. ڍنڍ ۾ تمام جهجهي مڇي ملي ٿي ۽ ڍنڍ جي چوڌاري

رهندڙ مقامي برادرين جي پيٽ گذر جو دارومدار ان تي آهي. ڍنڍ مختلف قسمن جي ڪيترن ئي پکين لاءِ پرورش ۽ سياري گذارڻ جو اهم ماڳ آهي. ڍنڍ ۾ آبي پکين جا اٽڪل پنجهٺ نسل ملن ٿا. اٽڪل هڪ لک لاڏائو پکي اڪثر ڪري سيارو گذارڻ لاءِ هتي اچن ٿا، جيتوڻيڪ هاڻوڪن ڪجهه سالن اندر ان تعداد ۾ گهٽتائي ٿي آهي. انهن پکين ۾ ٻگهه، بطخون، پيهوڙي، تتر، واڳٽائي چڪور ، جهنگلي ڪڪڙ ۽ ڪجهه قوسڙيون شامل آهن.

هن علائقي ۾ ڪيترائي ٽٽائتا ۽ سرندڙ جانورن جا نسل به ملن ٿا. ڍنڍ تي اٽڪل 50 هزار ماڻهو سڌي ۽ اڻ سڌي ريت دارومدار رکن ٿا. ڍنڍ ۾ مڇي مارڻ روزگار جي اهم سرگرمي آهي. مڇي مارڻ کانسواءِ ماڻهو ڍنڍ جي وچ وارن ٽڪرن ۽ پرپاسي ۾ پوکي راهيءَ تي پڻ ڀاڙين ٿا. هيءَ ڍنڍ اهم تفريحي ماڳ پڻ آهي. وقت سان گڏ مڇيءَ جي ذخيرن ۾ چڱي خاصي گهٽتائي آئي آهي، جنهن جا ڪارڻ مڇيءَ جو حد کان وڌيڪ شڪار، پرڏيهي جنسون متعارف ڪرائڻ ۽ آبي نباتات ۾ گهٽتائي آهن.

## پئي ٻيلو، ضلعو نوابشاهه

پئي ٻيلي جو جهڳٽو 19 سؤ 70 هيڪٽرز تي پکيڙيل آهي. ان جي ماحولياتي اهميت سبب سموري پئي ٻيلي کي سنڌ جهنگلي جيوت کاتي طرفان شڪار کان محفوظ علائقو قرار ڏنو ويو آهي. ٻيلو مختلف جهنگلي جيوت کي رهڻ لاءِ قدرتي جوءِ فراهم ڪري ٿو. انهن ۾ ڦاڙها، تتر، ايشيائي گدڙ، سيڙهه، جهنگليسوئر، نانگ، خاڪي نور، ننڍيا نور، جهنگلي ٻليون، ۽ لومڙ شامل آهن. اصل ۾ پئي ٻيلو دریاهي ماحولياتي سرشتي جو حصو هو، جيڪو ساليانو سنڌو درياهه جي ٻوڏ هيٺ اچي ويندو هو، پر 20 هين صديءَ جي اوائل ۾ سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسن کان حفاظتي بندن جي اڏاوت سبب پئي ٻيلو درياهي علائقي کان ڪٽجي ويو هو. ان کانپوءِ ان جو دارو مدار منظور ٿيل آبپاشي جي پاڻيءَ جي فراهميءَ تي رهيو جيڪا سموري علائقي جي استحڪام لاءِ اڻ پوري ۽ گهٽ رهي. اها صورتحال ٻيلي ۽ جهنگلي جيوت جي قدرتي ماحول جي لڳاتار زوال جو ڪارڻ رهي. مجموعي ٻيلي ۾ گڏيل سڏيل وٽڪاري آهي ۽ اهو قدرتي درياهي ٻيلن جي هڪ مخصوص نموني جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪي سنڌو درياهه لڳ ملن ٿا ۽ ان ۾ هڪ نمائنده درياهي ٻيلي طور برقرار رهڻ جي سگهه آهي.
هن علائقي جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو زراعت آهي. ماڻهو ٻيلي جي وسيلن تي به گهڻو دارومدار رکن ٿا خاص طور تي ٻارڻ لاءِ ڪاٺ ۽ ڪنهن حد تائين مال جو چارو ۽ ماکي حاصل ڪن ٿا. پاڻيءَ جي اڻاٺ کانسواءِ ٻيا به لاڳاپيل سماجي دٻاءَ آهن جيڪي ٻيلي جي ڊگهي عرصي تائين برقرار رهڻ واري عمل کي ناس ڪري رهيا آهن، جن ۾ ٻيلي جي واڍي ۽ بااثر ماڻهن طرفان جهنگلي جانورن خاص طور تي ڦاڙهن ۽ تتر جو شڪار شامل آهي.